ISSN E: 2709-8273
ISSN P:2709-8265
JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL
JALT



# شاه جی رسالی مان سُرگھاتوجوتحقیقی اپیاس
# RESEARCH STUDY OF SUR GHATO FROM SHAH JO RISALO

ڊاڪٽر الهوسايو سومرو
ڊاڪٽر رقيه عامرسومرو.

**Abstract:**
*Hazrat Shah Abdul Latif Bhittai has described the human related stories, to get the lessons through them. He has described all these through his poetry in 30 (Sur) chapters, Sur Ghato in one of those, Sur ghato is the shortest chapter of his poetry containing about 17 (seventeen) verses and one waa-ee.*
*In this chapter he has described the story of Morero Meer Bahar, the fisherman of Sindh, Whom seven brothers were caught and eaten by a ferocious crocodile when they were fishing at sea-side.*
*Morero Meer Bahar and all his relatives got a shock and planned to get a revenge, so they made an irony cage, tied it with strong ropes, Merero got into the cage and along with the cage he went to the sea at same place where his seven brothers were killed. The same crocodile attacked the Morero and as he chewed the irony cage the nails stuck in his jaws. The relatives who were standing on the bank started hurting the oxen and those oxen pulled the cage out of the sea and finally crocodile was brought out of the sea, relatives of Morero killed the crocodile and Morero was came out from the cage safe and sound. The expired brothers of Morero were buried and Morero lived his rest of life sitting beside the graves of his brothers.*

*Shah Abdul Latif Bhittai has described this story in his own words*
.

شاه جي رسالي جو ”سُر گھاتو“ ننڍي ۾ ننڍو سُر آهي، ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي ۽ غلام محمد شاهواڻي جي ترتيب ڏنل ”شاه جو رسالو“ ۾ سترهن 17 بيت آهن ۽ هڪ وائي آهي، جڏهن ته ڪلياڻ آڏواڻي جي ترتيب ڏنل ”شاه جو رسالو“ ۾ صرف ٻارهن 12 بيت آهن ۽ هڪ وائي آهي.

”گھاتو اصل ۾ سنسڪرت بنياد جي لفظ گھاتڪ مان نڪتل آهي، جنهن جون مختلف حيثيتن ۾ ڪيتريون ئي معنائون آهن پر شاه صاحب مڇي مارينڌڙ جو مفهوم ورتو آهي، لاڙ ۾ ميربحر کي گھاتو به چئبو آهي تڏهن جڏهن هو ڍنڍ ۾ انهيءَ مقصد لاءِ تيار بيٺو هجي“(1)

شاه جو رسالو، عام انسانيت لاءِ رهبر جي حيثيت رکي ٿو. سندس سمورو ڪلام پوري دنيا جي ماڻهن لاءِ هدايت آهي، جنهن تي عمل ڪري هر ڪو پنهنجي منزل ڪاميابيءَ سان ماڻي سگھي ٿو.

شاه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ مختلف ڪردار جهڙوڪ رومانوي ، تاريخي ۽ نيم تاريخي ڪردار بيان ڪري نه رڳو انهن مان تمثيل ورتي آهي پر انهن کي هميشه جي لاءِ زنده جاويد بڻائي ڇڏيو.” شاه صاحب جو رسالو سنڌ جي تاريخي ڪردارن، جنگنامن، عشقيه داستانن، تهذيبي ۽ تمدني تاريخ جي بيانن سان ڀريو پيو آهي.“(2)

اهڙن ڪردارن مان مورڙو ميربحر جو ڪردار به هڪ آهي. گھاتو جو لفظ شاه صاحب کان اڳ جي دؤر جي ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ ۾ ملي ٿو . قاضي قادن (1551_ 1463) سنڌي ٻوليءَ جو پهريون اساسي ۽ آفاقي ڪلاسيڪي شاعر آهي،” جنهن ۾ لفظ گھاتوئڙن ڪم آيو آهي.“(3)

شاه صاحب هن سُر ۾ ”مڇ“ جو لفظ استعمال ڪيو آهي، جڏهن ته قاضي قادن وٽ ”واڳون“ جو لفظ ملي ٿو :

سي ئي سيل ٿيام، پڙهيام جي پاڻ لاءِ،
اکر اڳيان اُڀري ، واڳون ٿي وريام.(4)

گھاتائون مان هيري نڪر سهڻي جي معنى وني ٿو، لطف الله قادري جي ڪلام ۾ سُر سريراڳ ۾ سهڻي ۾ هم معنى بيت ملن ٿا. شاه عنايت جي رسالي ۾ هي سُر ڪو نه ٿو ملي. شاه ڪريم جي رسالي ۾ ڪجھ بيتن ۾ گھاتائون جو لفظ ملي ٿو.

اسان جو سماج مختلف طبقن ۾ ورهايل آهي. اهڙي طبقاتي سماج ۾ ميربحر کي پنهنجي حيثيت حاصل آهي. هونئن به شاه جي رسالي جو بغور مطالعو ڪيو وڃي ته شاه صاحب سماج جي هيٺئين طبقي ۽ اُنَ جي ڪردارن کي تمام گھڻو سهڻي نموني سان بيان ڪيو آهي. جهڙوڪ : مارئي هڪ مسڪين مالوند جي نياڻي آهي، نوري هڪ مهاڻي آهي. پورهيت جيڪي سماج جا اڏيندڙ آهن ۽ سماج جي جسم ۾ ڪرنگهي جي حيثيت رکن ٿا، شاه صاحب تن کي سهڻي نموني پنهنجي شاعريءَ ۾ بيان ڪري ، ڪردارن کي دائمي زندگي بخشي آهي. عام سُگھڙ ڪنهن ڪردار کي ان جي ابي ڏاڏي کان وٺي سندس مرڻ تائين بلڪه مرڻ کان پوءِ سندس اولاد تائين بيان ڪري تمام ڏگھي قصي ۽ داستان ۾

ISSN E: 2709-8273
ISSN P:2709-8265
JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL
JALT



پيش ڪن ٿا، پر شاهه صاحب انهن قصيده گو شاعرن ۽ سُگهڙن جي روايت کي نَفي ڪري ٿو ۽ پنهنجي مقصد جي پورائي لاءِ ڪردار جي مخصوص پَهلو کي پيش ڪري تمثيل وٺي ٿو.

ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته :”هيءُ داستان يارهين صدي عيسوي ۾ اسريو.“(5) ڊاڪٽر گربخشاڻي مطابق هن داستان جو واسطو راجا دلو راءِ جي زماني سان آهي، جنهن لاءِ هو لکي ٿو ته : ”راجا دلو راءِ جي زماني ۾ سون مياڻي ۾ اوپائي نالي هڪ مهاڻو رهندو هو.“(6)

ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي حوالن ۾ گهڻو اختلاف ملي ٿو . پر تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ برهمڻ خاندان جا بادشاهه يا امير پنهنجن نالن سان ”راجا“ لکرائيندا ۽ سڏائيندا هئا. برهمڻ دؤر 632ع کان 712ع تائين آهي. هن دؤر جو پهريون بادشاهه راجا چچ هو، جنهن راءِ خاندان کان حڪومت هڪ سازش تحت هٿ ڪئي هئي ۽ تاريخ مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته برهمڻ حڪمرانن جا پنهنجي رياست جي عوام سان سٺا رَويا نه هوندا هئا، اهو ئي سبب ٿي سگهي ٿو جو اندروني اختلافن جو فائدو عربن حاصل ڪري سنڌ فتح ڪئي هئي. ڊاڪٽر گر بخشاڻي پنهنجي هن ڳالهه جي وضاحت حاشيي ۾ هن طرح ٿو ڪري ته : ”خبر نه ٿي پوي ته دلو راءِ ڪهڙي زماني ۾ سنڌ جو حاڪم هو، پر تاريخي طاهري ۾ ايترو ذڪر ڪيل آهي ته هو ڏايو ظالم زاني هو ۽ برهمڻ آباد جو شهر سندس ڪُڌن ڪرتوتن جي ڪري خدائي قهر سان ناس ٿي ويو . سنڌي قصه نويس اڪثر ڪري هر ڪا ڳالهه جنهن جي پوري سُڌ پئجي نه سگهندي اٿن. سا دلوراءِ جي زماني تي مڙهيندا آهن.“(7)

اهڙي طرح سان هن داستان جو واسطو ڊاڪٽر بلوچ مطابق يارهين صدي عيسوي سان آهي، سو درست سمجهڻ گهرجي ۽ يارهين صدي عيسوي وارو دؤر يعني (1050ع کان 1350ع) وارو دؤر سومرن جو دؤر حڪومت آهي.

هن داستان جي باري ۾ روايتن ۾ هن طرح بيان ملي ٿو ته راجا دلو راءِ جي زماني ۾ سون مياڻي ۾ اوپائي نالي مهاڻو رهندو هو، جنهن کي ست پٽ هئا. انهن ۾ مورڙو ننڍو ۽ پير کان منڊو هو. ڇهه ڀيا پائر مڇيءَ جي شڪار تي ويندا هئا ۽ مورڙو سندن پٺيان گهر ۾ رهندو هو ۽ گهرجي سنڀال لهندو هو. جسم ۾ جڏو هو پر عقل ۾ وري اڪابر هو. پائر ڪيس بيڪار سمجهي ڪيس گهر ۾ ڇڏي ويندا هئا ۽ ”پاڇاين جي مهڻن ستائي ڇڏيس.“(8)

غلام محمد شاهواڻي مطابق ته ” دودائي ٻروچن مان هڪ مائي، جنهن جو نالو ’ڪلاچي‘ هو، تنهن پنهنجي وڳر سان سمنڊ جي ويجهو اچي ڳوٺ ٻڌو هو. انهيءَ ڳوٺ تي مائيءَ جو نالو پيو، اهو ساڳيو ڳوٺڙو وڌي هاڻي ڪراچي جو شهر ٿي پيو آهي، انهيءَ کان ٿورو پري يعني هاڻوڪي ڪلفٽن ۽ منهوڙي جي وچ ۾ ڪلاچي جو اونهو ڪُن هوندو هو.“(9)

هڪ پيري مورڙي جا ڇهه ئي پائر هن ڪُن ۾ اچي لٿا، جتي قهر لڳو پيو هوندو هو ، جو غورابن جا غوراب منجهس غرق ٿي ويندا هئا، هتي هڪ وڏو مانگر مڇ رهندو هو ، جيڪو به اتي ويندو هو، واپس نه ورندو هو، اُتان جي ملاحن مورڙي جي پائرن کي گهڻو سمجهايو پر اُهي ڪين مڙيا. اچا رڇ وجهي اڳتي وڌيا ئي مس ته ڪُن جي وَر چڙهي ويا ۽ مانگر مڇ جو لقمو بڻيا. هن حادثي جي خبر سيڻي کي پئجي ويئي. مورڙي مٽن مائٽن کي ميڙي بدلي وٺڻ جي رٿ رٿي. نيٺ هڪ لوهي پڃرو تيار ڪرائي، ان جي ٻاهرين پاسي کان تکا ڪنڍا ۽ ڪيل لڳرايائون ۽ هر هڪ ڪنڍي ۾ ريشمي رسو ٻڌرايائون. پڃري جي ٻئي پاسي پاڇاري ٻڌائون. مورڙي مائٽن کي چيو ته جڏهن آءٌ رَسا لوڏيان ته ڏيگن ۽ سانن کي ڪاهجو ته پڃري کي ڇڪي ٻاهر ڪڍن. پڃرو ڪُن ۾ لاٿو ويو . مانگر مڇ چڻ ته انتظار ۾ ويٺل هو، جيئن ئي ان پڃري کي ڳيهڻ جي ڪيائون ته تيئن ئي ڪيلَ ڳلاڦن ۾ کُپي ويس. ڏيگن ۽ سانن کي هڪليائن ۽ پڃرو ٻاهر سُڪي تي ڇڪجي آيو ۽ مانگر مڇ تي ٻَڇ ٿي ويئي. مورڙو صحيح سلامت ٻاهر نڪري آيو. مانگر مڇ کي چيري مورڙي جي پائرن جا لاش ٻاهر ڪڍيائون. لاشن کي ڪلاچيءَ جي اتر اولهه طرف جبل جي پاڙ وٽ دفن ڪيائون. باقي حياتيءَ جا ڏينهن مورڙو مقام جو مجاور ٿي گذارڻ لڳو. ” اهو مقام اڄ ڏينهن تائين بيٺو آهي ۽ ان کي ’مورڙي جو مقام‘ ڪري سڏيندا آهن هندن جي مساڻي کان سڏ پنڌ تي آهي، مورڙو به منجهس دفن ٿيل آهي.“(10)

گهنگهريا گهڻ - چاڙ مُوڙهِي مَتِ مَهائِيين،
ويا ڪڏِجي وِيرِ ۾، پيا مُنهن مهراڻَ،
اَڳِيان پويان ٿانَ، ويا ويچارن وسري.
(بيت01،ص 633)

شاهه صاحب ان منظر جي شاهدي ڏيندي چيو ته وريا من ۽ بهادرن جي علم ۽ عقل ساٿ نه ڏنو ، اهي تمام گهڻو پريشان ٿي پيا ۽ منجهي پيا ته اهڙو آفت ۽ بلا جو ڪيئن مُنهن ڏجي، هڪ ڪُن ۽ لهرن ۾ ٻڏي غرق ٿي ويا. شاهه صاحب ڪن بيتن ۾ عربي سمنڊ کي مهراڻ ٿو ڪوٺي. انهن ويچارن کي سندن اڳين ۽ پوئين جي چاڻ ئي وسري وئي.

هي داستان تصوراتي داستان نه آهي. مختلف عالمن ۽ اديبن تحقيق ڪئي آهي ته هيءُ داستان اصلي ۽ حقيقي آهي، حقيقت تي مبني آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تحقيق ڪندي مورڙي جي اولاد جو پتو لڳائيندي ثابت ڪيو آهي ته : ” مورڙي جو اولاد ڪراچي، شمس جي ڳوٺ، بابا ۽ ڀٽ ٻيٽن ۽ ابراهيم حيدري بستين ۾ رهي ٿو، جن مان ٿي پاڙا ڪلاچيءَ وارا، لاڙ ۽ بندري مورڙي پوٽا مشهور آهن.“(11)

شاهه صاحب جي هن ”سُر گهاتو“ ۾ بهادري، اٽل ارادي ، عزم ۽ همت جو وڏو سبق سمايل آهي. هن داستان ذريعي هڪ اپاهج انسان جي همت، حوصلي ۽ بهادريءَ بابت گهڻو ڪجهه سيکاريو ويو آهي.

ISSN E: 2709-8273
ISSN P:2709-8265
JALT
JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL



هن ٿورڙي ڪلام ۾شاهه صاحب سُر جي بنيادي نقطي ۽ ان جي فلسفي تي ايتري جامع وضاحت ڪئي آهي، جنهن لاءِ جدا هڪ ڪتاب گهرجي.

شاهه صاحب پنهنجي مقصد کي بيان ڪرڻ لاءِ جيئن ته مختلف ڪردارن مان تمثيل وٺي سهڻي نموني بيان ٿو ڪري، هتي به هڪ عام ماڻهو مڇي مارينڙ جو تاثر ڏئي ٿو ته پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي ۽ عميق ڏي پاڻ چاڙهي واڻي هليو وڃڻ ۾ وڏي همت ۽ حوصلي جي ضرورت آهي ۽ درياءَ جيڏو دل کپي . مورڙو پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي ماڻي ٿو ۽ بيحد خوش ٿئي ٿو. شاهه صاحب هن طرح ٿو فرمائي ته :

گهوريندي گُهور پِيا، اَگهور گهوريائون،
مَيڪر ماريائون، مَلاحن منهن سَنرا.
(بيت 15، ص 634)

اسان جو سماج اَپاهج ماڻهو کي ڪا اهميت ڪو نه ٿو ڏئي ، کيس بيڪار ۽ فضول سمجهيو وڃي ٿو، پر شاهه صاحب ائين ڪرڻ سوچڻ ۽ سمجهڻ کان نَفي ٿو ڪري ته اهڙي قسم جا ماڻهو اسان جي سماج جا اسان وانگر برابر جا حقدار آهن، ڪنهن به طرح کين پاڻ کان گهٽ نه سمجهيووڃي. وٽن خدا طرفان انيڪ صلاحيتون مليل آهن ، جنهن جي استعمال ڪرڻ سان اُهي حيرت انگيز ڪارناما سرانجام ڏئي سگهن ٿا، اهڙي طرح جهڙي طرح مورڙي کي سندن پائرن ، پاڇاين ۽ مٽن مائٽن بيڪار سمجهي ڇڏي ڏنو هو. مٿس ٺوڪ ۽ ٺٺول ٿي ڪيائون، مطلب ته مورڙي کي پنهنجي سٽ ۽ ساٿ ۾ ڪائي سڃاڻ ئي نه حاصل هئي. مورڙي کي سندس اندر ۾ پاڇاين ۽ مٽن مائٽن جي مهڻن ۽ طعنن جا ڦٽ ۽ ناسور ٿي چڪا هئا پر جڏهن هو اٽل ارادي سان اٿيو ۽ بهادري سان پنهنجي مقصد ۾ پورو لٿو ته مانگر مڇ کي به مات ڏيئي ڇڏيائين، اهو مانگر مڇ جنهن سپني کي ڏکائي ۽ ڪنبائي ڇڏيو هو، ڪنهن کي به معاف نه ڪيائين. اهو انساني عزم بلڪه هڪ اپاهج جي دليري ۽ بهادريءَ جو جيئرو جاڳندو شاندار حقيقي مثال آهي. شاهه صاحب هن لازوال بهادري جي ڪردار کي ساراهيندي ساڳئي سُر جي وائيءَ ۾ هن طرح اظهار ٿو ڪري ته :

جيڪس جَهليا مڇ ، گهاتو گهر نه آئيا،
ڪاهي وڃو ناڪئا ، ڪَرِيو بَري تي بَڇ،
ڪاٽي سَندن ڪنڌيون ، ڪاٽي سندن رَڇ،
ڪُن ڪڙڪو ڏايو ، اَٿو اڳيان آڇَ ،
اَديون عبداللطيف چي ،سَپ لنگهيندا ڇَڇ.
(سُر گهاتو، وائي، ص 635)

مورڙي کي پنهنجي پائرن جي واپس ورڻ جو گهڻو انتظار رهيو ۽ سندس ذمي ڪم ته گهر جي سار سنڀال رکڻ هو پر هن کي پنهنجي پائرن سان گهڻي محبت هئي ۽ شام جو سندن واپسي تائين پيو سمنڊ جي طرف کان ايندڙ رستن ۽ گسن کي نهاريندو هو. هڪ ڏينهن انهن واپس اچڻ ۾ گهڻي دير ڪئي تان جو ٻي صبح ٿي ، مورڙو کي پريشاني ويتر وڌي ويئي جو ٻئي ڏينهن به سندس پائر گهر ڪو نه موٽيا هئا. کيس اٽڻ وڌي ويئي ته الائي ڇو سندن پائرن واپس ورڻ ۾ دير ڪئي آهي. اهي ته پاڻ سان گڏ وڏا پالا ڪڻي ويا، وڏا اپگ ۽ پٺڪا ٻڌي روانا ٿي ويا هئا. سندن ادن ڇو دير لاتي آهي؟ اهڙي سهڻي ٽولي کي ڪنهن ڪُن ته ڪون روڪڻ ۾ دير لڳائي آهي.

ڪالهه ڪلاڇيءَ ويا ، ڇَتيُون ڪَڍِي ڇُڳيرَ،
پائَرن پيرو نَه ڪِيو، اَدنِ ڪِي اَويرَ،
اِهَڙِي خاصِي ڪيرُ، ڪُنَ وَرائي جَهلِيِ.
(بيت 04، ص 633)

مُهاڻن جي واپس نه ورڻ جي پريشاني ، مورڙي کان علاوه ٻين کي به لڳل هئي. جيڪي سندن ويجها عزيز ، مٽ مائٽ ۽ رشتيدار هئا. جنهن ۾ انهن غرق ٿيل مهاڻن جون مائرون ۽ وَنيون به شامل هيون. هرڪوئي غم واَلم جي ڪيفيت ۾ وڪوڙيل هو. سانت هئي، انهن جو ڪو اَتو پتو ڏيڻ ۽ ڏسڻ وارو ئي ڪو نه هئو جو الائي ته انهن سان ڇا وهيو؟ ڇا واپريو ؟ ڇا معاملو پيش آيو؟ پر ان ڪن جي خبر ته هئي جيڪو پُر خطر هو. جيڪو اُتي ويو ان جو واپس ورَڻ مشڪل ٿي پيو.

انهن مُهاڻن منجهان ڪنهن هڪ جي وني به هئي، جنهن جي پريشانيءَ جي حال جو فڪر شاهه صاحب ڪيو آهي ته:

تَريون پَسان نهَ تار ۾، جهُڳا جاءِ نَه ڪَن،
مادَرِ! مَلاحَنِ ، ماڳِ نَه ڏِٺيا مَڪُڙا.
(بيت 05، :633)

شاهه صاحب هڪڙي وني جي ترجماني ڪندي چئي ٿو ته سمنڊ جي اونهي تار مهاڻن جا ٻيڙا ترندي ڪو نه ٿا نظر اچن ۽ وڏا رڇ يا ڇار اُهي به ڪو نه ٿا پسجن، اي جيجل امان! انهن مڪڙا ٻيڙيون ناهن موٽيايون.

زال مڙس جو رشتو ، هڪ اهڙو رشتو آهي جيڪو سڀني رشتن کان اڳ ۾ جوڙيو ويو آهي. ماءُ ۽ پيءُ ، ڀيڻ ۽ ڀاءُ ، مامو ۽ چاچو، ڏاڏو ۽ ڏاڏي، ناني ۽ نانو وغيره جا ٻيا سڀ رشتا بعد م وجود ۾ آيا آهن. زال ۽ مڙس جو رشتو يا جوڙو

سڀ کان اڳ آدم عليه سلام ۽ حوا عليه سلام جو آهي ۽ اهو رشتو خود الله تبارڪ وتعاليٰ پاڻ جوڙيو آهي ته جيئن حوا عليه سلام (عورت) ۽ آدم عليه سلام (مرد) جي دل وندرائڻ راحت ۽ سڪون ڏيڻ لاءِ حواعليه سلام (زال) جي رشتي کي ٺاهيو. جڏهن ڪنهن عورت زال کان سندس مڙس مرد وڇڙي وڃي ، ڇڏي وڃي يا وصال ڪري وڃي ته ان متاثره عورت جي ڪيفيت ۽ حالت ڪهڙي هوندي؟ ان جو جڻ جيئري ئي موت ٿي ويندو آهي. ان ڪيفيت جو اظهار شاهه صاحب ان مهاڻي عورت جو هتي تمام سهڻن لفظن ۾ ٿو بيان ڪري ته:

ڏيهاڻي ڏِنم ڪيترا، جَنِين مَاريو موڪَ،
گهَرَ ۾ گهاٽُوئڙنِ ، جا ٿا مارِينم ٿوڪ ِ،
لَڏي وِچان لوڪَ ، اُنهي وِيا اوهَري.
(بيت 06،ص:633)

شاهه جورسالو پڙهڻ سان ائين معلوم ٿيندو آهي ته ڄڻ شاهه صاحب عورت جي وڪالت ڪري رهيو هجي پر اها عورت جيڪا سُورن جي ستايل ۽ صدمن جي متاثره آهي. مظلوم آهي، سماج جي ڌڪاريل آهي. هيٺياهين طبقي واري آهي، محنت ڪش آهي. قرباني ڏيڻ واري آهي، سار ۽ ساهه صدقو ڪرڻ واري آهي. اولڻ گهولڻ آهي، مَرد جي نسبت عورت ، شاهه صاحب وٽ مَٿيري ۽ وڏي مانُ ۽ رتبي واري آهي. اها ئي سماج ۽ رسمن جي هيسايل ۽ ٺُڪرايل عورت ، شاهه صاحب وٽ سورمي آهي . شاهه صاحب ڪيس پنهنجي شاعري ذريعي ابدي زندگي بخشي آهي.

ساڳئي سُرگهاتو ۾ شاهه صاحب هڪ متاثره مهاڻي جي دلي ڪيفيت و حالت جو اظهار پنهنجي شاعري اندر بيان ڪريٿو. هوءَ پنهنجي وَر کي جيڪوڪُن جي ور چڙهي چڪو آهي. سمنڊ ڪناري گُولهيندي ٿي وتي، هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي ٿي وتي، ته مَنَ ڪٿي سندس وَر ملي پئي پر سندس ته ڪلاچي جي ڪُن ۾ واڳن جي وات چڙهي ويو آهي. شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

اُپي اوسِڙان اُسَ ۾ ، جهَلِيو ڪُنَ ڪنارَ،
گهاتُو گهَرِ نه آئيا ، وَڏي لَڳِيَنِ وارَ،
هُيَس جَنِين هارَ ، سي موڙي چَڙهِيا مَڪُڙا.
(بيت 08، ص: 633)

جهڙي طرح عورت، مرد جي لاءِ زيور ۽ سينگار آهي، تهڙي طرح، مرد به عورت لاءِ زيور ۽ سينگار آهي. مرد جي پيٺ ۾ عورت وڏيڪ قربانيون ڏيڻ واري آهي. وڏيڪ سختيون، صدما ۽ سُور سهَڻ واري آهي. وڏيڪ مجبور ۽ معذور آهي. جڏهن سندس سهاڳ، ساٿ ڇڏي ٿو وڃي ته سماج ان کي نڌڻڪي وانگر رَويو اختيار ڪري ٿو. سُياڳي جي بدران نياڳي تصور ٿو ڪري. مطلب ته مڙس جي مئي يا وئي کانپوءِ اها خوش قسمت عورت، بدقسمت عورت ليکي وڃي ٿي. پراوا ته ٺهيو پر پنهنجا به کانئس مُنهن موڙي ڇڏين ٿا. شاهه صاحب ڪيترو نه خوبصورت لفظن ۾اهڙي سماج جي هيسايل عورت جي دانهن ۽ داد رسي ٿو ڪري ته:

ڪِلي جان ڪِينڪاريان ، تان ساٿِي سَڳُ نَه ڪَنِ،
وارِيو وَهِٿِ وَڃَنِ، ڪَنِ سَيَاڳِينِ سامهان.
(بيت 09، ص:633)

دنيا جو لذتون ، خوبصورتيون، سڀ صفتون خوشي سان آهن. جيڪڏهن مَن اندر مانڌاڻ لڳل آهي، جيءُ اندران ئي اندران جهُريو پيو آهي، سُور سُڪائي رهيو آهي، مَن مونجهو لڳل آهي ته پوءِ نه دنيا جا طعام وڻن نه ڪاڌا، سڀ حُسناڪيون بي مزه ۽ بي سوادي ٿيو وڃن . سنڌيءَ ۾ چوڻي مشهور آهي ته: ”جيءُ خوش ته جهان خوش“ بلڪل اها تسليم ٿيل حقيقت آهي. خوشي سان ئي حُسن ۽ سونهن جي سڃاڻپ ٿئي ٿي. رنگيني محسوس ٿئي ٿي. طعام وٽندڙ ۽ ذائقيدار محسوس ٿين ٿا. پر پريَنءَ بنا ڪجھ به نه ٿو وڻي، ماکي به زهر وانگر لڳندي آهي. وسندڙ ماڳ ويران محسوس ٿيندا آهن. اوپرائپ وارو خيال پنهنجي عروج تي پهچندو آهي. تنهائي تنگ ڪري ، ماڻهو کي سوڙهو ڪري سندس ساهه سُڪائي ڇڏيندي آهي. وڻن جي ساوڪ، گلن جي خوبصورتي ۽ خوشبوءِ سڀ بي رنگ ۽ بي سونهن وانگر ٿي ويندا آهن. وهندڙ درياءُ سُڪل ۽ خشڪ محسوس ٿيندا آهن.

جِتي گهوريو گهاٽُئين ، تِتي وارِيءَ پَٽَ،
سَهَسين ساٿِي مُنَ ، سَرُ سُڪو ، سُونگِي گيا.
(بيت 10، ص:634)

مورڙي کي ڪلاچيءَ جي ڦهر پري ڪُن جي خبر به هئي ته جيڪو مهاڻو هن ۾ گهڙي ٿو سو واپس ڪو نه ٿو وري. مانگر مَڇ هڪ ئي ڳيت سان ڳڙڪائي ٿو ڇڏي پر تنهن هوندي به هو ساموندي خطرناڪ بَلا کان وير وٺڻ لاءِ ڪو نه ٿو مُڙي

ڪو جو ڦهر ڪلاچ ۾ ، جو گهِڙي سو نِئي ،
خَبر ڪو نه ڏِئي ڪَجاڙي رَنديا.
(بيت نمبر 03، ص:633)

ISSN E: 2709-8273
ISSN P:2709-8265
JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL
JALT



ڪَلاچي جو اهو خطرناڪ ڪُن هميشه شڪار ڪرڻ وارن کي پنهنجو شڪار ڪري ڇڏيندو هو پر اهڙو شڪار جنهن ۾ زخمي يا ڦٽي ٿيڻ جي ڪا به گُنجائش ڪا نه هئي. جيڪو آيو سو موت جو شڪار ٿي ويو. صبح جا شڪار تي ويل مهاڻا، شام جو رات ٿيڻ تائين ڪو نه موٽيا. اِها خبر خطري کان خالي نه هئي ۽ شڪ يقين ۾ بدلجڻ لڳو هو ته اُن ڪُن تي جيڪو به ويو آهي، سو واپس نه موٽيو آهي.

ماڪ پچاين مولِهيا ، مٿان رات پَئي ،
اولِيون اُجهڻ لڳيون ، ويا وَجه وَهي،
ڪَلاچِيان ڪَهي ، ڪَڏهن ڪو نه آئيو.
(بيت نمبر 02، ص:633)

مورڙو پنهنجي پائرن جي سانحي تي ڏکائتو آهي ۽ غمگين آهي، هُو اهڙي خوفناڪ ۽ پُر خطر بَلا کان ڊڄي ڪري ويهي ڪو نه ٿو رهي،هَٿ هَٿ تي رکي ڪو نه ٿو ويهي رهي، پر حقيقت کي هر ڪو ئي برداشت ڪري ٿو ۽ قبول ڪري ٿو ، هڪ اڳ ۾ ئي معذور ۽ اپاهج ۽ ٻيو ويتر هن صدمي ڪيس وڌيڪ ڪمزور ۽ ضَعيف ڪري وڌو هو، ڪنهن کي به گُمان ڪونه هو ته هو اهڙو دلير ۽ بهادر ٿي سگهي ٿو، جڏهن ته ڪيس هن عظيم صدمي وڏو ڌَڪ رَسايو هو، پر سندس اندران ئي اندران بدلي جي باهه پڙڪو ڪائي رهي هئي ۽ ان عزم سان ۽ بهادري سان هن اڻ ٿيڻي کي به ڪري ڏيکاريو.

ڪَال ڪَلاچيءَ وِيا ، گهاتُو ڪري گُهور،
مادَر ! مَلاحن جا ، ويٺي سَهان سُور،
مون کي ڪَري مَلوُر ، اونِهي وِيا اوهِري.
(بيت نمبر 07، ص:633)

جڏهن صدمو رسي ٿو ۽ اهنج کي ڏسڻو ٿو پَئي ته سڀ سُک ۽ صاحبيون وسري ٿيون وڃن، اهڙي قسم جا سانحا وسارڻ جي باوجود به ڪو نه ٿا وسري سگهن. هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ تائين خبر ازخود لڳي وڃي ٿي، هر ڪو واقف ٿي وڃي ٿو، جڏهن ڇهه پائر ساڳئي وقت مانگر مڇَ جو کاڄ ٿا ٿين ته ڄڻ ڳوٺ جو ڳوٺ تباهه ٿي وڃي ٿو ، اهڙي دردناڪ سانحي ۽ صدمي ۾ ڪير سُک سان سمهي ٿو سگهي. شاهه صاحب فرمائي ٿو ته :

ائين جا لُڏو لوڏ ، اِي پَرِ گهاتُوئڙن جي ،
ڪُن ڪَلاچي ڪوڏُ ، سُک نه سُتا ڪَڏهين .
(بيت نمبر 14، ص634)

جڏهن مهاڻا مڇي ماري ڪونه موٽيا ته مَڇيءَ جا خريدار يا گراهڪ مَڇي خريد ڪرڻ جي انتظار ۾ بيٺا هئا. سي هَٿين خالي واپس پئي وريا ۽ اڳ ۾ ته مختلف قسم جي مَڇين جي ساڳئي هنڌ تي گهڻائي هوندي هئي. هن سانحي بعد ته مَڇيءَ جي ڇِلُرَ جي ڪا به بوءِ نه هئي، ڄڻ ته ويرانيءَ جو واس ڦهلجي چُڪو هو. هر هنڌ ڏُک ۽ صدمي جو اظهار ملي رهيو هو.

نه ڪا بُوءِ بازار ۾ ، نه ڪا ڇِلُرَ ڇَٽَ ،
جِتي ڏنيرين جي ، اڳي هئي اُگهٽ ،
سي پڙ پَسيو پَٽَ ، ماڙهو وَڃَن موٽِيا.
(بيت نمبر 11، ص634)

مورڙي ۽ مائٽن کي وري به اها اُتُڻ هئي، سندس پائر مَڇي جي شڪار لاءِ پري تائين هليا ويا آهن. تنهن ڪري واپس موٽڻ ۾ ۽ گهرِ پهچڻ ۾ دير ڪئي اٿن. جيڪڏهن ويجها هجن ها ته گهر جلدي موٽن ها. مطلب ته انهن جي جيئري هجڻ جون آسون ۽ اُميدون مورڙي وارن وٽ باقي هيون.

اوري هُئا ته آئيا ، جيڪس وِيا پَري ،
ساٿِي سَڌ ڪري ، ماڳِ نِهاري موٽيا.
(بيت نمبر13،ص 634)

جڏهن خوف ۽ خطري کي مُنهن ڏيڻو هوندو آهي ته پوءِ دنيا جا سڀ رشتا ۽ ناتا وسارڻا ٿا پَون. بلڪل اهڙي طرح، جهڙي طرح مورڙي پنهنجو پاڻ کي ڪُن ۽ مانگر مَڇَ جي مُنهن ۾ وڌو هو. پوئتي پٺڪيو به ڪو نه ، پاڻ ڪُڏ ڏئي ڪاهي پيو هو، ڪيس خبر به هُئي ته هو ان هنڌ وڃي رهيو آهي، جٿي مانگر مَڇ هر ڪنهن کي ڳڙڪائي ٿو ڇڏي، ڪائي ڪپائي ٿو ڇڏي، لاش به ڪو نه ملي، نشان به ڪو نه ٿو ملي، اهڙي عمل پُنيان همت ۽ حوصلي جا محرڪ مدفن آهن. بهادري ۽ دليري جو بلند ۽ لازوال مثال آهي . اهڙي عمل لاءِ وڏي دل ۽ هانءُ هئڻ گهرجي، سر جو سانگو لاهڻو ٿو پوي، سڀ رشتا، مٺيون مائٽيون ۽ دوستيون وسارڻيون ٿيون پوَن، اهڙا ڪردار، شاهه صاحب پنهنجي شاعري ذريعي بيان ڪري اسان کي اٽل ارادي، همت حوصلي، عزم ۽ بهادري جو پيغام ڏنو آهي :

جان گِهڙندا گهاتوئان ، تان رَچن ڏِهو رَڱَ،
سڱائيون ۽ سَڱ ، ڪلاچيءَ ڪيرُ ڪري.

ISSN E: 2709-8273
ISSN P:2709-8265
JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL
JALT



(بيت نمبر 16،ص635)

شاهه صاحب جي شاعري جي وڏي ۾ وڏي خُوبي اِها آهي، ته هُو پنهنجي شاعري ۾ ظاهري طرح سان مختلف ڪردارن مان تمثيل ٿو وٺي، پر باطني روحاني طرح سان پنهنجي رمز واري ڳالهه بيان ٿو ڪري. هن سُر جي آخر ۾ جيڪو بيت ڏنو ويو آهي، سو روحاني رمزن سان پريل نظر ٿو اچي ته هيءَ دنيا هڪ وڏو سمنڊ آهي. ۽ ان جي اندر اونهائي ۾ هڪ وڏو خطرناڪ جانور واڳون يعني نفس رهي ٿو، جيڪو انسان کي نقصان رسائيندڙ آهي. انهيءَ سمنڊ (دنيا) ۾ پڪن ۽ پختن رسن (رڇن) (يعني نيڪ عملن ۽ پختن ارادن) جي ضرورت آهي. جنهن سان نفس سان محاذ آرائي ڪري سگهجي. وڏي ڪشمڪش جي لاءِ يعني نفس سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ انسان کي هر وقت تيار رهڻ گهرجي.

جيئن جهُڳا پائِين جهُل ۾ اِئين نه مَرَن مَڇَ ،
سَبِرَ ڏارا سمنڊ جا، ڪي رائُون رَڱيُون رَڇَ،
هي چاڙُون ۽ چَڇَ ، اَجا اوڙاهه اَڳانهُون ٿِيو.
(بيت 17، ص:635)

**نوٽ :** هن مقالي لاءِ غلام محمد شاهواڻي جي ترتيب ڏنل ”شاهه جو رسالو“ مان مدد ورتي وئي آهي.

**نتيجا :**

- عقل، انسان جي ڪمزور يا ضعيف جسم هئڻ جو محتاج نه آهي.
- عقل، زور ۽ طاقت کان وڌيڪ سگهارو آهي.
- بهادري، عزم ۽ اٽل ارادي سان ڪاميابي ماڻي سگهجي ٿي ۽ ان سان گڏوگڏ هرمشڪل گهڙيءَ جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو.
- بهادري، همت عزم ۽ ارادي سان سخت کان سخت ظالم دشمن جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو.
- جان کي خطري ۾ وجهڻ کانسواءِ سمنڊ مان موتي ماڻي نه ٿا سگهجن. ان لاءِ وڏي جاکوڙ، همت ۽ حوصلي سان گڏ، درياءَ جيڏي دل جو هجڻ ضروري آهي.
- معذور يا اپاهج ماڻهو ڪنهن به طرح سان سماج جو بيڪار ۽ فضول فرد نه آهي. اهو به ڪنهن نه ڪنهن فن، حرفت، عقل ۽ فهم کان خالي نه آهي. اهڙا فرد سماج ۾ برابريءَ جي حيثيت رکن ٿا.
- جسماني اپاهج ماڻهو پنهنجي انيڪ صلاحيتن کي استعمال ڪري، حيرت انگيز ڪارناما حاصل ڪري سگهن ٿا.
- عورت کي به مرد وانگر سماج ۾ ساڳئي عزت اهميت ۽ حيثيت حاصل آهي.
- عورت ۽ مرد هڪ ٻئي لاءِ زيور ۽ سونهن آهن.
- دنيا جون سڀ خوبصورتيون ۽ لذتون خوشيءَ سان آهن.
- صدمي ۾ انسان کي حوصلو نه هارڻ گهرجي .
- دنيا هڪ سمنڊ مثل آهي ۽ ان ۾ نفس واڳون وانگر خطرناڪ آهي، نيڪ عملن ۽ پختن ارادن سان ان خطرناڪ جانور (نفس) جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو.

**حوالا:**

1. جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر. *ڪنمال*. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ. سال 2002ع، ص230.
2. خواجه، نور افروز، ڊاڪٽر. *پائي پٽ ڪَٽا* . حيدرآباد، سنڌ: گنج بخش ڪتاب گهر.سال 2005ع،ص258.
3. جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر. *ڪنمال*. ڄامشورو : انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورٽي آف سنڌ. سال 2002ع،ص 231.
4. ٺڪر،هيرو. *قاضي قادن جو ڪلام*. حيدرآباد سنڌ : سنڌ تحقيقي بورڊ. سال 1996ع،ص 178.
5. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر. *مورڙو ۽ مانگر مڇ*. حيدرآباد : سنڌي ادبي بورڊ. سال 1967ع،ص 10.
6. گربخشاڻي، هوتچند، ڊاڪٽر(شارح). *شاهه جو رسالو*. حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر.سال 2007ع،ص617.
7. ساڳيو ،ص 617، حاشيو.
8. جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر. *ڪنمال*. ڄامشورو : انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ. سال 2002ع،ص 232.
9. شاهواڻي، غلام محمد (شارح). *شاهه جو رسالو*. ڪراچي : سنڌيڪا اڪيڊمي. سال 2012ع، ص 630 .
10. گربخشاڻي، هوتچند، ڊاڪٽر(شارح). *شاهه جو رسالو*. حيدرآباد : سنڌي ساهت گهر. سال 2007ع،ص 618.
11. بلوچ،نبي بخش خان، ڊاڪٽر.*مورڙو ۽ مانگر مڇ*. حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ. سال 1967ع،ص13 .